| 2 | # شاھ جا بيت |
|---|---|

شاھ عبدل لطيف (عيسوي 1689 - عيسوي 1752) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چوند شاعرن شيڪسپيئر، هومر ملٽن ۽ ڪاليداس جو مٽ مڃيو وڃي ٿو. هوُ سنڌ ۽ هند ۾ ’ڀِٽائي‘ ۽ ’ڀِٽائي گهوٽ‘ جي نالي سان مشهوُر آهي. شاھ جي ڪلام جو سمورو خزانو ’شاھ جو رسالو‘ ۾ ڏنل آهي.
شاھ سائين هن بيت ۾ مارئيءَ جي پرينءَ ۽ وطن جي حُب جو ذڪر ڪيو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



اَکر پڙھ اَلف جو، وَرَق سَڀ وسار،
اندرَ تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.



پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئِي مِٺائي،
ڪانهي ڪَڙائِي، چَکين جي چيت ڪري.
هوُ چَوَنئي، تون مَ چَؤ واتان وَرائي،
اِڳُ اَڳِرائي جو ڪري، خطا سوڪائي.
پاند ۾ پائي، ويو ڪينِي وارو ڪين ڪي.
واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساھ،
بت منهنجو بند ۾ قيد مَ ڪريجاھ،
پرڏيهاڻي پرينءَ ري ڏار مَ ڏَريجاھ.
تڏي وسائج تر جي، مِٽي مئيءَ مٿاھ،
جي پويون ٿئي پَساھ، تہ نِجاھ مَڙُھ ملير ڏي.

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| اَلف - ايشور | ورق - صُفحو | سندي - جي |
| پارَ - طرف | ڪَڙائي - ڪوڙاڻ | چيت - ڌيان |
| مَ - نہ | خطا - سزا | واجهائي - ياد ڪري |
| بُت - شريرُ | پَساھُ - ساھُ | نِجاھ - موڪلج |
| مڙھ - لاشُ | | |

## اَڀياس

سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.

(الف) ايشور کي ياد ڪرڻ لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟

(ب) پرينءَ بابت ڇا چيل آهي؟

(پ) خطا نہ ڪائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.

(الف) ’اَندرُ تون اُجار‘ مطلب سمجهايو.

(ب) وطن بابت شاهہ صاحب ڇا چيو آهي؟

(پ) ملير جي مٽيءَ لاءِ مارئيءَ ڇا چيو آهي؟

سوال.٣. هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو.

(ٺ) اکر پڙهہ ............................ ڪيترا.

(ٺ) اَڄ اَڱرائي ........................ ڪيِنَ ڪي.

(ٺ) ڌڌي وسائڄ ................ ملير ڏي.

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي عملي ڪاريہ.

اکر پڙهہ الف جو .................... وارو ڪين ڪي.

١) هيٺين جا هم - آوازي لفظ چونڊي لکو.

(الف) هار، مار

(ب) ڪيو، چيو

(٢) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(الف) ’نہ‘ لاءِ لفظ -

(ب) ’الف‘ لفظ جي معنيٰ

(ڪ) ’حرف‘ معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ

(د) ’شريرُ‘ لاءِ ڪم آيل لفظ

(٣) ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولهيو.

| مثال : | اکر | - | اَلف | - | اَندر |
|---|---|---|---|---|---|
| (الف) | ورق | - | | - | |
| (ب) | پنا | - | | - | |
| (ڪ) | ڪيترا | - | | - | |
| (د) | م | - | | - | |

(۴) ’هوُ چَونئي تون مَ چَوُ‘ اِها چوٽي سمجهايو.

(۵) ’عمر مارئي‘ جي آکاڻي اِنٽرنيٽ ذريعي پڙهو ۽ ڪلاس ۾ اَچي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌايو.